# غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا
# اِيمان افروز بيانَ

03-November-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

3 نومبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# غوثِ پاڪ جا اِيمان افروز بيانَ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... اولياءِ ڪرام کي بہ علمِ غيب سان نوازيو ويندو آهي
- ✿... غوثِ پاڪ جي مبارڪ زندگي جو هڪ اهم مقصد
- ✿... غوثِ پاڪ ۾ اُمّت جي خيرخواهي جو جذبو
- ✿... غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ۾ ڪمال اخلاص

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

پيرانِ پير، پير دستگير حضور غوثِ اَعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي زندگيءَ جو هڪ ڊگهو عرصو مجاهدات ۾ گذاريو، جڏهن پاڻ بغداد شريف ۾ علمِ دين پڙهندا هئا، سندس معمول (*Routine*) هوندو هو ته مدرسي مان سبق پڙهي ڪري جهنگلن جي طرف نڪري ويندا هئا، اتي سبق ياد ڪندا ۽ عبادت ۾ به مصروف رهندا هئا. انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي، هڪ ڏينهن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن غار جي ويجهو هڪ پٿر ڏٺو، ان تي هڪ درودِ پاڪ لکيل هو، گڏوگڏ هي به لکيل هو ته هي درودِ پاڪ (جيڪو پٿر تي لکيل آهي)، ان کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان 50 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي، حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو درود شريف لکي ورتو ۽ ان کي پڙهڻ لڳا، بعد ۾ هڪ ڏينهن ڪين خواب ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي، پاڻ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان انهيءَ درود شريف جي باري ۾ پڇيو: (ته ڇا واقعي هيءُ درود شريف پڙهڻ سان 50 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي؟) پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: نه، ان درود شريف کي پڙهڻ سان 50 هزار نه بلڪ 70 هزار درود شريف

جو ثواب ملندو آهي.[1]

سُبۡحٰنَ اللّٰـه! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جون پنهنجي محبوب جي اُمّت جي مٿان ڪرم نوازيون ڏسو! جيڪو ٻانهو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي، روايتن جي مطابق ان کي 10 نيڪيون ملنديون آهن، 10 گناهه معاف ٿيندا آهن ۽ 10 درجات بلند ڪيا ويندا آهن.[2] هيءَ ئي ڪرم نوازي ڪيڏي عظيم آهي جو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ سان ايڏو ثواب ملي، پوءِ ان تي وڌيڪ ڪرم مٿان ڪرم هي ته ڪوڙ اهڙا درود شريف آهن، جن کي صرف هڪ ڀيرو پڙهڻ سان صرف هڪ درود شريف جو نه بلڪ ڪيئي هزار درود شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي، ڪتابن ۾ اهڙا ڪوڙ درود شريف لکيل آهن، جن کي پڙهڻ سان هڪ لک درود شريف جو ثواب ملندو آهي ۽ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن پٿر تي لکيل جيڪو درود شريف ڏٺو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خواب ۾ تشريف آڻي ڪري ٻڌايو ته هن کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان 70 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي سُبۡحٰنَ اللّٰـه!

ڪاش! اسان انهن ڪرم نوازين جو قدر ڪري سگهون. اسان جا پير حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اي امّتِ محمد! الله پاڪ جو شڪر ڪندا ڪيو جو پهريون امّتون جيترو عمل ڪنديون هيون، الله پاڪ انهن جي نسبت توهان جي ٿوري عمل تي ئي راضي ٿي ويندو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: مسجد کي لازم پڪڙيو ۽ نبيءِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪيو![3]

پڑھتا رہوں کثرت سے درود ان پہ سدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

[1] ...سعادة الدارين، صفحه:256۔
[2] ...سنن الكبرى امام نسائى، كتاب صفة الصلاة، جلد:1، صفحه:385، حديث:1220۔
[3] ...الفتح الربانى، المجلس الثانى، صفحه:24-25بتقدم وتآخر۔

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي! شجريہ عاليہ قادريہ رضويہ عطّاريہ ۾ درود غوثيہ لکيل آهي، اچو! حُصولِ برڪت جي لاءِ پڙهي وٺون ٿا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ

مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَ الْكَرَمِ وَ آلِهٖ وَ بَارِكْ وَ سَلِّمْ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بس هڪ هفتي جي مشقت رهندي آهي...!!

حضرت احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: هڪ عجمي (يعني جيڪو عربي نہ هجي) شخص جنهن جو نالو اُبّي هو، اهو پيرانِ پير، پير دستگير حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شاگر هو، اهو شخص ذهن جو تمام ڪمزور هو، وڏي محنت ۽ ڪوشش سان سمجهائڻ جي باوجود مسئلو سمجهي نہ سگهندو هو پر حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪمال شفقت، مهرباني (***Kindness***) ۽ طالبِ علمِ دين سان لڳاءُ هو جو پاڻ نهايت ئي محنت سان ان کي سبق پڙهائيندا هئا، ان کي سمجھ نہ ايندو هو تہ پاڻ باربار سمجهائيندا هئا.

احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي شاگرد کي نهايت ئي محنت سان سبق پڙهائي رهيا هئا، انهيءَ دوران اِبنِ سمحل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ اتي اچي ويو، جڏهن اِبنِ سمحل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏٺو تہ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان طالبِ علم دين کي ديني سبق پڙهائڻ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ مشقت ڪري رهيا آهن تہ حيران ٿيا، جڏهن اهو طالبِ علم سبق پڙهي هليو ويو تہ ابنِ سمحل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: مون کي وڏي حيراني آهي جو اوهان هڪ ڪندُ ذهن کي پڙهائڻ جي لاءِ ايڏي محنت ۽ مشقت ڪري

رهيا آهيو. ان تي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **ان سان منهنجي محنت ۽ مشقت جا ڏينهن هڪ هفتي کان به گهٽ رهجي ويا آهن، هڪ هفتو به نه گذرندو جو هي ويچارو دنيا مان رخصت ٿي ويندو.**

ابنِ سمحل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيئن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو هو، بلڪل ايئن ئي ٿيو، هفتي جو آخري ڏينهن هو ته ان طالبِ علم جو انتقال ٿي ويو.(1)

مرتبہ یُوں ترا خالق نے بڑھایا یَا غوث! | اولیا کا تجھے سلطان بنایا یَا غوث!
میں نکما تو کسی کام کے قابل ہی نہ تھا | مجھ سے بے کار کو تم نے ہی نبھایا یَا غوث!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن ايمان اَفروز واقعي مان سکڻ جي لاءِ تمام گهڻا مدني گُلَ آهن:

## (1): اولياءِ ڪرام کي به علمِ غيب ڏنو ويندو آهي

پهريون مدني گُل هي مليو ته اولياءِ ڪرام به الله پاڪ جي عطا سان آينده جون ڳالهيون ڄاڻي وٺندا آهن، انهن کي به علمِ غيب ڏنو ويندو آهي. سيپارو: 29 سورة جِن، آيت 26_ 27 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۶﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ

(سيپارو: 29، سورة جِن: آيت 26_27)

ترجمو ڪنزالعرفان: غيب جو ڄاڻڻ وارو پنهنجي غيب تي ڪنهن کي مطلع ناهي ڪندو. سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي.

هن آيتِ ڪريم ۾ ايترو ته بلڪل صاف ۽ واضح فرمايو ويو آهي ته الله پاڪ

1 ... قلائد الجواہر ، صفحہ:37 بتغير قليل۔

پنهنجي چونڊيل رسولن کي علمِ غيب عطا فرمائيندو آهي. آئمّہِ ڪرام هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا: علمِ غيب ٻن طرح جو آهي: (1): هڪ خاص علمِ غيب: هي صرف انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کي عطا ڪيو ويندو آهي ۽ (2): ٻيو اهو علمِ غيب جيڪو رسولن سان خاص ناهي بلڪ الله پاڪ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي واسطي يا الهام جي ذريعي اولياءِ ڪرام جي دلين ۾ ڪجهہ علمِ غيب جون ڳالهيون وجهي ڇڏيندو آهي.[1]

بهارِ شريعت ۾ آهي: انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام غيب جون خبرون ڏيڻ جي لاءِ ئي ايندا آهن جو جنّت، دوزخ، حشر نشر، عذاب، ثواب (هي سڀ ڳالهيون) غيب ناهن تہ ٻيو ڇا آهن؟ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو منصب ئي هي آهي تہ اهي ڳالهيون ٻڌائين جن تائين عقل ۽ حواس (يعني اک، ڪن وغيره) جي پهچ ناممڪن آهي ۽ انهيءَ جو نالو غيب آهي. ولين کي بہ علمِ غيب عطا ٿيندو آهي پر انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي واسطي سان.[2]

## اولياءِ ڪرام جي نگاهِ ڪرامت جو ڪمال

بخاري شريف ۾ حديثِ قدسي آهي، هن ۾ الله پاڪ اولياءِ ڪرام جو شان بيان فرمايو، هن حديثِ قدسي ۾ هي بہ آهي تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: جڏهن مان پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي فرمائيندو آهيان تہ كُنْتُ بَصَرَهُ الَّذِىْ يُبْصِرُ بِهٖ مان ان جي اک ٻڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ڏسندو آهي.[3]

مطلب هي تہ جڏهن ٻانهو الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي ۽ الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب ٻڻائيندو آهي، تڏهن اهو ٻانهو فَنَا فِي الله جي درجي تي پهچي ويندو آهي، هاڻي ان جي عضون ۾ خُدائي (يعني الله پاڪ جون ڏنل خاص)

---

[1] ... شرح مقاصد،المقصد السادس،الفصل الاول،المبحث الثامن: الولی، جلد:3، صفحہ329-330۔

[2] ...بهارِ شريعت ، جلد:1، صفحہ:46، حصہ:1بتغير قليل۔

[3] ...بخاری، كتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حديث:6502ملتقطاً۔

طاقتون ڪم ڪنديون آهن[1] ۽ انهن عضون ۾ هڪ اڪ بہ آهي، ظاهري طور ڏسڻ ۾ ان جي اک عام ماڻهن جي اک جيان هوندي آهي پر اهو ربِّ ڪريم جي نور سان ڏسندو آهي. ٿورو اندازو لڳايو! اسان جهڙن عام ماڻهن جي اک جو ڪيڏو ڪمال آهي، اسان اک کڻون تہ اسان جي نظر گهڙي ڪن ۾ آسمان تائين پهچي ويندي آهي تہ غور فرمايو! الله پاڪ جا محبوب ٻانها، ان جا اولياءِ ڪاملين جيڪي اک جي پتلي سان نہ بلڪ رب جي ڏنل نور سان، الله پاڪ جي عطا ڪيل طاقت سان ڏسندا آهن، جڏهن اهي اک کڻندا تہ انهن جي نگاهہ ڪيستائين ويندي؟ اسان جي نگاهہ اک چنبڻ جي دير ۾ آسمان تائين پهچي ويندي آهي تہ يقيناً جيڪو خدا جي نور سان، ربِّ ڪريم جي عطا ڪيل خاص طاقت سان ڏسي، ان جي نگاهہ صرف آسمان تائين ناهي رڪبي بلڪ آسمان مان پار لوحِ محفوظ تائين بہ پهچي ويندي آهي. ترمذي شريف جي حديثِ پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ الله مؤمن جي فراست کان بچو جو مؤمن ٻانهو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي.[2]

ادھر بھی نِگاہِ کرم غوثِ اعظم
کرو دُور رَنج واَلَم غوثِ اعظم
ہے گردن میں تیری غُلامی کا پٹّہ
تجھی سے ہے میرا بھرم غوثِ اعظم
تراہوں میں تیرا، مرے اس کہے کا
سرِ حشر رکھنا بھرم غوثِ اعظم

بهرحال! اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم کي بہ علمِ غيب ڏنو ويندو آهي، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بہ غيب جو علم عطا ڪيو ويو هو، ان ڪري پاڻ هڪ هفتو پهريان ئي ڄاڻي ورتو تہ اسان جو شاگرد هڪ

[1] ...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحه:361۔
[2] ...ترمذی، کتاب تفسير القرآن، باب ومن سورة الحجر، صفحه:723، حديث:3127۔

هفتي ۾ دنيا مان هليو ويندو.

بندہ قادر کا بھی قادر بھی ہے عبد القادر
سِرِّ باطن بھی ہے ظاہر بھی ہے عبد القادر

مفتیٔ شرع بھی ہے، قاضیٔ ملّت بھی ہے
عِلْمِ اَسرار سے ماہِر بھی ہے عبد القادر

ذی تَصرّف بھی ہے ماذون بھی مختار بھی ہے
کارِ عالَم کا مدبّر بھی ہے عبد القادر (1)

وضاحت: اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عبدُ القادر آهن يعني قدرتن واري ربِّ ڪريم جا ٻانها آهن، اللّٰه پاڪ کيس قدرت عطا فرمائي آهي، پاڻ ظاهر ۽ باطن جا رازدار آهن، شريعت جا مفتي بہ آهن، ملّت جا قاضي بہ آهن، باطني علوم جا ماهر بہ آهن، اللّٰه پاڪ کيس اختيارات عطا فرمايا آهن، کيس زماني جي تدبيرن جي اجازت بہ عطا ڪئي وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): اصلاحِ امّت جو درد

ٻي نمبر تي هن واقعي ۾ غور فرمايو! حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دل ۾ امّت جي خير خواهي ۽ اصلاح جو ڇا تہ جذبو هو...!! سندس شاگرد تمام ذهن جو ڪمزور آهي، پهريان تہ هي جو اسان وٽ ڪجهہ استادن جو هي رويو هوندو آهي جو ڪند ذهن شاگردن کي ٺوڪيندا، ماريندا، دڙڪا ڏيندا آهن بلڪ ڪڏهن ڪڏهن هي بہ چئي ڇڏيندا آهن تہ وڃ! ڪم وڃي ڪر! پڙهڻ تنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي.

پر قربان وڃو! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪندُ ذهن شاگرد کي مدرسي مان ڪڍيو نہ، پاڻ چاهين پيا تہ هن کي پڙهي ڪري ڪو وڏو عالِم ناهي ٺيٺو، ان جي ذريعي علمِ دين جو نور نہ پکڙجندو بلڪ هي

1 ...حدائقِ بخشش، صفحہ:69ملتقطاً۔

ويچارو تہ عالِمِ دين بڻجڻ کان پهريان ئي دنيا مان هليو ويندو، ان جي باوجود پاڻ اُن تي محنت ڪن ٿا، مشقت برداشت ڪن ٿا ۽ ان کي پڙهائيندا رهندا ٿا تہ جيئن هي علمِ دين سان جڙيل رهي، مدرسي ۾ ايندو رهي جو علمِ دين جا جيڪي فضائل آهن اهي بيان ڪمن جا ناهن.

منہ لگاتا نہیں دُنیا میں جسے کوئی بھی
بالیقیں اس کے طرفدار ہیں غوثِ اعظم
کھوٹے سکّے جہاں چل جاتے ہیں وہ ہے بغداد
واں نِکمّوں کے خریدار ہیں غوثِ اعظم
ہو کرم! حُسنِ عمل آہ! نہیں ہے کوئی
نہ وظائف ہیں نہ اذکار ہیں غوثِ اعظم [1]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هي اصلاحِ امّت جو درد، خير خواهي جو جذبو، ٻين جو ڀلو سوچڻ جي عادت ڪاش! اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي.

## قيدي مسلمان کي ڇڏايو!

545 سن هجري، رمضانُ المبارڪ جي 7 تاريخ هئي، سومر شريف جي رات عشاء کان بعد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مدرسي ۾ آزمائش جي موضوع تي بيان فرمايو، ان دوران پاڻ فرمايو: جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جو پٽ ڪافرن وٽ قيدي هجي تہ ڇا توهان ان کي ڇڏرائڻ جي ڪوشش نہ ڪندؤ؟ هڪ عارف (يعني الله پاڪ جي سڃاڻ رکڻ وارو ڪامِل مسلمان) ايئن ئي هوندو آهي، تمام مخلوق ان جي لاءِ اولاد جيان آهي ۽ اهو انهن کي نفس ۽ شيطان جي قيد کان ڇڏرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. [2]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! ڪيڏو خوبصورت ڪلام آهي...!! ان ۾ پهريان تہ محترم استادن جي لاءِ سبق آهي، استاد کي گهرجي تہ پنهنجي شاگرد سان نرميءَ سان

---

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:560-561ملتقطاً۔

2 ...الفتح الربانی،المجلس الثالث والخمسون، صفحہ:202۔

پيش اچي، ان کي پنهنجو پٽ سمجهي ۽ جيئن پنهنجو پٽ ڪافر جي قيد ۾ هجي ۽ خطرو هجي تہ ڪافر منهنجي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيندا، جهڙي محنت پنهنجي پٽ کي ڇڏائڻ جي لاءِ ڪندو، اهڙي ئي محنت، ۽ شوق سان پنهنجي شاگرد کي جهالت جي اونداهي مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جا ڪيئي تعليمي ادارا آهن، مدرسةُ المدينہ ۾ حفظ ۽ ناظره جي تعليم ڏني ويندي آهي، جامعةُ المدينہ ۾ درسِ نظامي (يعني عالِم ڪورس) ڪَرايو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح دارُ المدينہ اسلامڪ اسڪول سسٽم بہ آهي، اللّٰہ پاڪ جو فضل آهي، دعوتِ اسلامي جي انهن ادارن ۾ اهڙا استاد بہ آهن، جيڪي تهجد جي وقت اُٿي ڪري ربِّ ڪريم جي بارگاه ۾ ٻاڏائي ڪري پنهنجي شاگردن جي لاءِ پلائي گهرندا آهن، ڪو طالبِ علم ڪمزور ذهن جو آهي، پڙهائي ۾ ڪمزور آهي، ان جي ڪاميابي جي لاءِ دعائون ڪندا آهن، اهڙا بہ استاد آهن، جن کي پنهنجي پوري ڪلاس جا نالا ياد آهن ۽ اهي نالو وٺي ڪري بارگاهِ الاهي ۾ انهن جي لاءِ دعا ڪندا آهن، شاگردن کي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو غلام بڻائيندا آهن، شاگردن کي ترغيب ڏياري ڪري 12 ديني ڪمن جي ذريعي اصلاحِ امّت جي عظيم ڪم تي لڳائيندا آهن، اللّٰہ پاڪ انهن محترم استادن جي پنهنجي شاگردن سان هن خيرخواهي کي قبول فرمائي.

ياد رهي! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هي فرمان صرف استادن جي لاءِ ناهي، پاڻ فرمايائون: ڪامِل عارف سموري مخلوق کي (سڄي دنيا جي ماڻهن) کي نفس ۽ شيطان جي هٿان ڇڏائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

ڪاش! اسان کي بہ ھي جذبو ملي وڃي، اسان بہ پنھنجي مسلمان ڀائرن جا خيرخواھ بڻجون، اسان پاڻ بہ نفس ۽ شيطان جي چالبازين کان بچون، پاڻ بہ نيڪ ڪم ڪيون، گناھن کان بچون ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيندا رھون،

جو ہیں وَقفِ سُنّت کی خدمت کی خاطِر | انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو روزانہ دیتے ہیں نیکی کی دعوت | انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
سفر قافلے میں جو کرتے ہیں ہر ماہ | انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ جي مبارڪ زندگي جو ھڪ اَھم مقصد

شوّالُ المُڪرم، 545 ھجري، جمعي جو ڏينھن ھو، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنھنجي مدرسي ۾ مسلمانن ڀائرن جي خيرخواھي جي موضوع تي بيان ڪيو، بيان جي دوران پاڻ فرمايائون: پاڪ آھي اھا ذات جنھن منھنجي دل ۾ مخلوق جي خيرخواھي جو جذبو وڌو ۽ مخلوق جي خيرخواھي ڪرڻ منھنجي زندگي جو مقصد بڻايو. بيشڪ مان توھان کي نصيحت ڪرڻ وارو آھيان، مان ان تي توھان کان ڪا جزاء نہ ٿو گھران، منھنجي خوشي انھيءَ ۾ آھي تہ توھان ڪامياب ٿي وڃو! جيڪڏھن توھان ھلاڪ ٿي ويؤ تہ مون کي غَم ٿيندو.(1)

اسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم | فقیروں کے حاجت رَوا غوثِ اعظم
گِھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا | مدد کے لئے آؤ یاغوثِ اعظم

[1] ...الفتح الربانی، المجلس السادس، صفحہ:41۔

# غوثِ پاڪ ۾ خيرخواهيءِ اُمّت جو جذبو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دل ۾ اُمّت جي خيرخواهي جو جذبو ڪيتري قدر ڀريل هو، ان جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ ايمان اَفروز فرمان ٻڌندا! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هي فرمانِ ذيشان ٻڌي ڪري عاشقانِ غوثِ اعظم جي دل جهومي ويندي.

545 سن هجري، رجبُ المرجب جو مهينو هو، جمعي جي ڏينهن حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مدرسي ۾ تَوحيد جي موضوع تي طَويل بيان فرمايو، بيان جي آخر ۾ گفتگو کي سميٽيندي فرمايائون: اي انسانو! مان توهان ڏي صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مُتوَجہ ٿيندو آهيان، منهنجي اندر توهان جي اهڙي رحم دلي ۽ شفقت آهي جو جيڪڏهن ٿي سگهي ها تہ مان توهان جي جڳهِ توهان مان هر هڪ جي قبر ۾ مان پاڻ لهان ۽ توهان جي طرف کان نَڪِيرَين کي جواب بہ خود ئي ڏيان ها...!![1]

| | |
|---|---|
| قلبِ مُردہ کو بھی ٹھوکر سے جِلا دو مُرشِد | تم نے ٹھوکر سے ہے مُردوں کو جِلایا یا غوث! |
| آفتوں میں ہوں گرفتار، مدد کو آؤ | آہ! دُنیا کے غموں نے ہے ستایا یا غوث! |
| مَیں جہنّم میں نہ اب جاؤں گا اِنْ شَآءَ الله | رہنما تم کو جو مَیں نے ہے بنایا یا غوث! |

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! هي ڪهڙي خيرخواهي آهي! هي ڪهڙو عظيم جذبو آهي...!! قبر جي پهرين رات ڪيڏي سخت ترين رات هوندي آهي، مڙدو صدمي ۾ چور چور هوندو آهي، دنيا ڇڏڻ جو غم، اولاد جي جدائي جو غم، پوءِ روح نڪرڻ جي تڪليف، قبر جي وحشت، اونداهي، اڪيلائي، پوءِ ان سان گڏوگڏ فرشتا قبر ۾ ديوارون چيريندي اچي ويندا آهن، ميت کان سوالات ڪندا آهن.

1 ...الفتح الربانی، صفحہ:318۔

هن دنيا ۾ اسان جا ڪوڙ سارا دوست آهن، رشتيدار آهن، ڪو تہ بس پنهنجي مطلب تائين هوندو آهي ۽ جيڪي وفادار سچي زندگي ساٿ نڀائيندا بہ آهن تہ صرف قبر جي ڪناري تائين، شايد سڀڳو پيءُ بہ پنهنجي پٽ جي لاءِ اهڙي خواهش نہ ڪري سگهندو تہ پٽ..! مان چاهيان ٿو، توهان جي جڳهہ توهان جي قبر ۾، مان لهان ۽ توهان جي طرف کان نَڪيرَين جا جواب ڏيان. هي پيرن جي پير، پير دستگير، شهبازِ لامڪاني، محبوبِ سبحاني، سيّدنا شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه آهن، جيڪي فرمائي رهيا آهن: اي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امّتيو! منهنجي خواهش تہ هي آهي تہ توهان مان ڪنهن کي بہ قبر جي وحشت ۽ اڪيلائي جو منهن نہ ڏسڻو پوي، توهان مان ڪنهن جي بہ قبر جهنّم جو کڏو نہ بڻجي، مان خود توهان جي قبر ۾ لهان ۽ توهان جي طرف کان نڪيرين جي سوالن جا جوابَ بہ خود ئي ڏيان تہ جيئن توهان جي قبر جنّت جي باغن مان باغ بڻجي وڃي ۽ توها نجات ماڻي وڃو...!!

ايمان اس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے | ہے سلسلے میں آگیا بغداد والے مرشد[1]

الله پاڪ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه تي ڪروڙين رحمتن جو نزول فرمائي. ڪاش! اسان اوهان جا ڪامل مريد بڻجي وڃون.

## غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

حضورغَوْثِ اعْظَمْ، شيخ سيدعبْدُالقادرجِيلاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مشهور هستي آهن ۞ پاڻ جو نالو پاڪ: عبدُ القادر ۽ ڪنيت: ابو محمد آهي ۞ محيُ الدّين (يعني دين کي زنده ڪرڻ وارا) ۽ غوثُ الثَّقَلين (يعني جنن ۽ انسانن جا غوث، مددگار) سندس مشهور لقبَ آهن.

تُو ہے وہ غَوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا | تُو ہے وہ غَیث کہ ہر غَیث ہے پیاسا تیرا

وضاحت: يعني اي اسان جا پيارا غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه! اوهان غوث پاڪ آهيو جو

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:546۔

هر غوث اوهان جو عاشق آهي، اوهان بارش جو اهو ناياب پاڻي آهيو جو خود بارش بہ ان جي اُجاري آهي.

❁ حضور غوثِ اعظم، شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان سن 470 هجري تي جيلان ۾ ٿي. ❁ 91 سال هن دنيا ۾ تشريف فرما رهيا ❁ 561 هجري ۾ پاڻ دنيا مان پردو فرمايائون[1] ❁ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ولين جا ولي آهن، پيرن جا پير آهن، پيرِ دستگير، روشن ضمير، سلطانُ الاوليا آهن ❁ جهڙيءَ طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ولايت ۾ بلند رتبو رکن ٿا ❁ اهڙيءَ طرح علم ۾ بہ بلند مقام جا مالڪ آهن ❁ پاڻ پنهنجي زماني جا سڀ کان وڏا مفتي هئا ❁ باقاعده فتوائون بہ لکندا هئا ۽ مدرسي ۾ پڙهائيندا بہ هئا.

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُحيُ الدّين آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! 5هين صدي هجري يعني جنهن دور ۾ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن تشريف کڻي آيا، ان وقت امّتِ مسلمہ ڪيئي آزمائشن جو شڪار هئي، مسلمانن جي عقيدن ۽ نظرين تي حملا ٿي رهيا هئا، بدمذهبي پکڙجي رهي هئي، مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار کي زخمي ڪيو پئي ويو، ڪافر سازشون ڪري رهيا هئا. اُندلس (موجوده اسپين) ۾ مسلم حڪومت دم ٽوڙي رهي هئي، مصر ۾ ڪافرن جو قبضو ٿي چڪو هو ۽ عراق ۾ حَسَن صبّاح (نالي منافق ۽ ظالم شخص) جي تعظيم قتل وغارت ۽ لُٽ مار مچائي رهي هئي ۽ بغداد شريف جيڪو ان وقت دارُ الخلافہ هو، اتان جا حالات اهڙا هئا جو چيو ويندو هو:

قَارُوْنُ لَوْحَلَّ بِهَا | جَازَتْ عَلَيْهِ الصَّدَقَةُ

يعني قارون جهڙو وڏو امير شخص بہ جيڪڏهن بغداد ۾ رهائش اختيار ڪري

---

[1] ...غوث پاک کے حالات، صفحہ:15بتغیر قلیل۔

تہ (اتان جا حالات، مهانگائي ۽ اخراجات جي وجھ سان ايترو ڪنگال ٿي ويندو جو) ان ڪي بہ زڪوٰة لڳي سگھندي.

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اھڙي نازڪ حالات ۾ دين جي خدمت ڪئي، امّتِ مسلمہ جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي سھارو ڏنو، دين جي اصل تعليمات کي زندھ ڪيو ۽ مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ قرآن ۽ سنّت ۽ ديني تعليمات جو نور پيري ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهن خدمتن جي ڪري ڪيس مُحيُ الدين (يعني دين کي زندھ ڪرڻ وارا) چيو ويندو آهي.

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدَم اعلیٰ تیرا
تُو حُسینی حَسَنی کیوں نہ مُحیُ الدّیں ہو
اے خِضَر مَجمعِ بَحرَیْن ہے چشمہ تیرا

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ايمان افروز بيانَ

حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دين جي خدمت جي لاءِ تَدريس ۽ بيانات جو شعبو اختيار فرمايو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنھنجي مدرسي ۾ باقاعده علمِ دين پڑھائيندا ھئا ❁ حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھفتي ۾ 3 ڏينھن بيان فرمائيندا ھئا ❁ ابراھيم بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور غوثِ پاڪ عالمن وارو لباس پھريندا ۽ بلند جڳھ (مثال طور منبر وغيره تي) ويھي ڪري بيان فرمائيندا ھئا ❁ حضور غوثِ پاڪ فرمائن ٿا: شروع ۾ مون وٽ بہ يا ٽي ماڻھو ويھندا ھئا، پوءِ آھستہ آھستہ ماڻھن جو ميڙ ٿيڻ لڳو، ماڻھو پَري پَري کان گھوڙن، خچرن ۽ اُٺن وغيره تي سوار ٿي ڪري بيان ٻڌڻ جي لاءِ ايندا ھئا، اُن وقت تقريباً 70 هزار جو اجتماع ٿيندو ھو (بعد ۾ ان اجتماع جو تعداد اجان وڌيڪ ٿي ويو ھو).(1)

غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شھزاده حضرت عبدُالوھاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غوثِ

[1] ...بھجة الاسرار، صفحہ:177۔

پاڪ جي محفل ۾ وڏا وڏا عالِم سڳورا ۽ مشائخ حاضر ٿيندا هئا ❁ ان ۾ 400 وڏا وڏا عالم سڳورا تہ اهي هئا جيڪي باقاعده ڪاغذ، قلم کڻي سندس فرمانَ ۽ ارشادَ لکندا هئا[1] ❁ شيخ عمر ڪيماني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪڏهن ايئن نہ ٿيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمايو هجي ۽ محفل ۾ ڪنهن توبھ نہ ڪئي هجي. سندن بيان ٻڌي ڪري لازمي طور ڪو نہ ڪو شخص توبھ ڪندو غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا هئا[2] ❁ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي هٿ تي 5 هزار کان وڌيڪ غير مُسَلمن اسلام قبول ڪيو ۽ لکَ کان وڌيڪ گنهگارن توبھ ڪئي.[3]

بیاں سُن کے توبہ گنہگار کرلیں | زباں میں وہ دیدوأثَر غوثِ اعظم!

## غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ڪمال اخلاص

بَهجَةُ الاسرار شريف ۾ آهي: حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شهزاده شيخ عبدُ الوهاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمِ دين سکڻ جي لاءِ پري پري جو سفر ڪيو، ڪافي عرصي تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمِ دين سکندا رهيا، جڏهن علمِ دين سکي ڪري بغداد شريف واپس آيا تہ هڪ ڏينهن پنهنجي والد محترم حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: مان چاهيان ٿو تہ مان اوهان جي موجودگيءَ ۾ بيان ڪيان. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن اجازت عطا فرمائي، بهرحال جڏهن محفلِ پاڪ سجائي وئي. ماڻهو جمع ٿي ويا، شيخ عبدُ الوهاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون بيان شروع ڪيو، والدِ محترم حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ تشريف فرما هئا، مون ڪوڙ سارا علمي نُڪتا بيان ڪيا،

1 ...بهجة الاسرار، صفحہ:184۔
2 ...قلائد الجواہر، صفحہ:93۔
3 ...قلائد الجواہر، صفحہ:96۔

پنهنجي حساب سان تمام بهترين خطاب ڪيو پر عجيب ڳالهه هئي، ايڏي اعليٰ علمي گفتگو ٻڌي ڪري نہ ڪنهن جي دل نرم ٿي، نہ ڪنهن جي اک مان ڳوڙها نِڪتا.

خير! مون پنهنجو بيان مڪمل ڪيو، هاڻي والدِ محترم حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منبر تي تشريف کڻي آيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان شروع ڪيو، پاڻ صرف اوترو ئي چيو: كُنْتُ صَائِمًا اَمْسِ ڪالهه مون روزو رکيو هو.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بس اهي الفاظ چيا ۽ سندن الفاظن ۾ اهڙي ڪمال تاثير هئي جو پوري مجمعي تي رقّت طاري ٿي وئي، عجيب روحاني ڪيفيت ڇائنجي وئي، مان وڏو حيران هيس، مون وڏيون وڏيون تحقيقون پيش ڪيون، ماڻهن تي انهن جو ڪو اثر نہ ٿيو، والد صاحب بَس اوترو ئي چيو تہ مون ڪالهه روزو رکيو هو ۽ محفل جو رنگ ئي تبديل ٿي ويو، آخر ان ۾ راز ڇا آهي؟ فرمائن ٿا: والدِ محترم منهنجي حيراني ختم ڪندي فرمايائون: پٽ! تون پنهنجي طرفان تقرير ڪري رهيو هئين، تون پنهنجو مافي الضمير بيان ڪري رهيو هئين پر مان پنهنجي طرف کان نہ ٿو ڳالهايان بلڪ

وَعِزَّةِ الْعَزِيْزِ مَا تَكَلَّمْتُ حَتّٰى قِيْلَ لِيْ بِحَقِّيْ عَلَيْكَ تَكَلَّمْ يُسْمَعُ مِنْكَ

الله ربُّ العزت جو قسم! مان پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه نہ ٿو ڳالهايان ايستائين جو مون کي چيو ويندو آهي: اي عبدُ القادر! توتي اسان جو حق آهي، ان حق جي ڪري ڪلام ڪيو! تنهنجي ڳالهه ٻڌي ويندي.(1)

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو...!! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان ۾ ڪيڏو اخلاص ۽ ڪيڏي لِلّٰهيت هئي، هڪ طرف وڏيون وڏيون علمي تحقيقون بيان ٿي رهيون آهن، ڪمال علمي نُڪتا بيان ڪيا پيا

[1] ... طلوعِ غوثِ اعظم، صفحہ:294بتغير قليل ۔

وجن پر اجتماع تي نہ رقّت طاري ٿئي ٿي، نہ محفل جو رنگ بدلجي ٿو، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صرف اوترو چون ٿا: مون ڪالھ روزو رکيو هو. ۽ اجتماع جو رنگ ئي تبديل ٿي وڃي ٿو، ماڻهن جون دليون نرم ٿي وڃن ٿيون، رقّت طاري ٿي وڃي ٿي، ڇو؟ آخر راز ڇا آهي؟ راز هي ئي آهي تہ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ نہ ڳالهائيندا آهن بلڪ الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندا آهن، ان جي رضا جي لاءِ بيان فرمائيندا آهن، ربّ ڪريم! الهام جي ذريعي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي حڪم فرمائيندو آهي: اي عبدُ القادر! ڳالهايو...!! بيان ڪيو! اوهان جو بيان ٻڌو ويندو. سُبْحٰنَ الـلّٰـه! هر مسلمان اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ جڏهن هن ڪمال اخلاص سان بيان ڪيو ويندو تہ ان بيان ۾ ڪيڏي تاثير هوندي، اهڙو بيان ڪيترن ماڻهن جي دلين تي تاثير جو تير بڻجي ڪري لڳندو ۽ زندگي تبديل ڪري ڇڏيندو.

اهو ئي سبب آهي جو حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان ۾ جيڪو خوش نصيب شرڪت ڪري وٺندو هو، ان جي بگڙي بڻجي ويندي هئي. ڪنهن ڇا تہ خوب چيو آهي!!!

جس کا عمل ہو بے غرض | اس کی جزا کچھ اور ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عقيدي جو مسئلو حل ٿي ويو

امام ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: شيخ ابوبڪر عماد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ دور جو عالِم هو، اهو فرمائي ٿو: مان علمِ عقائد پڙهندو هيس، هڪ ڀيري ائين ٿيو جو هڪ اسلامي عقيدي جي متعلق منهنجي دل ۾ شڪ پيدا ٿي پيو، (قرآن ۽ حديث ڪجھ ٻڌائي رهيا هئا، عقل ڪجھ ٻيو چئي رهيو هو، دماغ ڪم نہ ڪري رهيو هو، وڏي پريشاني هئي، مون کي اطمينان

نہ هو ۽ شڪ جي ڪيفيت ۾ ڏينهن گذاري رهيو هيس) انهيءَ دوران هڪ ڏينهن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مدرسي جي ويجهو کان گذر ٿيو، مون پڌي رکيو هو تہ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دلين جون ڳالهيون ڄاڻي وٺندا آهن، بهرحال مان مدرسي ۾ داخل ٿيس، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان فرمائي رهيا هئا، مون کي ڏسندي ئي پاڻ پنهنجي بيان جو موضوع تبديل ڪيو ۽ اهو ئي مسئلو جيڪو مونکي سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو، جنهن عقيدي جي متعلق مان شڪ ۾ مبتلا هيس، غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن ان مسئلي جو حل ٻڌائيندي فرمايو: اِعْتِقَادُنَا اِعْتِقَادُ السَّلْفِ الصَّالِحِ وَالصَّحَابَةِ اسان اهو ئي عقيدو رکندا آهيون جيڪو اسان جي بزرگن جو ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰه عَنْهم جو هو (يعني عقائد جي معاملي ۾ اسان عقل جا گهوڙا ناهيون ڊوڙائيندا، بَس جيڪو اللّٰه ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي ڇڏيو، اسان ان تي اکيون بند ڪندا آهيون، جيڪو عقيدو آئمہءِ ڪرام جو هو، بزگانِ دين ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰه عَنْهم جو هو، اسان بہ اهو ئي عقيدو رکندا آهيون)

ابوعماد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي گمان ٿيو تہ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ايئن ئي اتفاقاً هي جملو فرمائي ڇڏيو آهي، ڪين منهنجي دل جو حال معلوم ناهي. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻيهر منهنجي طرف متوجهہ ٿيا ۽ هن ٻيري مون ڏي ڏسي ڪري فرمايو: اِعْتِقَادُنَا اِعْتِقَادُ السَّلْفِ الصَّالِحِ وَ الصَّحَابَةِ اسان جو عقيدو اهو ئي آهي جيڪو بزرگانِ دين ۽ صحابہءِ ڪرام جو هو.

ابوبڪر عماد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هاڻي بہ مون کي يقين نہ آيو، مون خيال ڪيو تہ بيان ڪرڻ وارا هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا رهندا آهن، ان انداز ۾ سندن نظر مون تي پئجي وئي نہ تہ پاڻ منهنجي دل جو حال ڪٿي ڄاڻي سگهن ٿا. بهرحال حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٽئين ٻيري منهنجي طرف متوجهہ ٿيا ۽ منهنجو نالو وٺي ڪري فرمايو: يَا اَبَابَكْرٍ اِعْتِقَادُنَا اِعْتِقَادُ السَّلْفِ الصَّالِحِ وَ الصَّحَابَةِ اي ابو بڪر!

اسان جو عقيدو اهو ئي آهي جيڪو بزرگانِ دين ۽ صحابہِ ڪرام جو هو.

هن پيري غوث پاڪ منهنجو نالو وٺي ڪري فرمايو، جنهن مان خبر پئجي رهي هئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واقعي منهنجو شڪ دور فرمائي رهيا آهن ۽ مون کي ئي سيکاري رهيا آهن، البت غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان سان گڏ هڪ ٻيو دليل ڏنو، منهنجي دل جي هڪ ٻي پريشاني دور فرمائي، منهنجا والد صاحب ڪيئي ڏينهن کان گهر نہ آيا هئا، دل پريشان هئي، بي چين هئي، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجو نالو وٺي ڪري فرمايو: قُمْ قَدْ جَاءَ اَبُوْكَ اي ابوبڪر! اٿو...!!(وڃو! ڏسو...!!) اوهان جا والد صاحب گهر اچي چڪا آهن.

(جڻ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا هئا، اي ابوبڪر! تون هي سمجهين ٿو تہ مان اوهان جي دل جو حال نہ ٿو ڄاڻان، مان تہ اوهان جي دل جو بہ حال ڄاڻان ٿو ۽ اوهان جي گهر جي حالات کان بہ واقف آهيان) شيخ ابوبڪر عماد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي فرمانِ عاليشان ٻڌندي ئي مان اٿي جلدي مان گهر پهتس، ڏٺم تہ واقعي منهنجا والد صاحب گهر پهچي چڪا آهن. (1)

جو کوئی تیرہ بخت یہاں ہو گیا ہے حاضر | روشن نصیبہ پا گیا بغداد والے مرشد (2)

وضاحت: جيڪو بدنصيب اوهان جي درٻار ۾ حاضر ٿيو اوهان ان جي نصيب کي چمڪائي ڇڏيو آهي.

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا بيانَ ڪهڙا انقلابي هوندا هئا، ماڻهو سندن بيان ٻڌي ڪري بيحد متاثر ٿيندا هئا، انهن جي دلين ۾ عشقِ مصطفٰي جا چراغ روشن ٿيندا، دلين ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيندو هو، سندن بيان ٻڌي ڪري ماڻهو پنهنجي گناهن تي نادِم (يعني شرمنده) ٿيندا ۽ توبھ ڪري نيڪ انسانَ بڻجي ويندا هئا.

---

1 …سير اعلام النبلاء، جلد:20، صفحہ:442۔

2 …وسائلِ بخشش، صفحہ:545۔

اچو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهن انقلابي بيانن مان علم ۽ حڪمت ۽ نصيحت جا مدني گل پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## زندگيءَ کي غنيمت ڄاڻيو...!

10 شوالُ المڪرم، 545 هجري، آچر جو ڏينهن هو، صبح جي وقت حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مدرسي ۾ توبه جي موضوع تي بيان فرمايو: ان بيان جي شروعات پاڻ هڪ حديثِ پاڪ سان ڪئي، فرمايائون:

الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ فُتِحَ لَهُ بَابٌ مِّنْ خَيْرٍ جنهن جي لاءِ ڀلائيءَ جو دروازو کوليو وڃي، فَلْيَنْتَهِزْهُ ته ان کي گهرجي ته ڊوڙي ڪري ڀلائيءَ جي ان دروازي ۾ داخل ٿي وڃي فَاِنَّهٗ لَا يَدْرِیْ مَتٰی يُغْلَقُ عَلَيْهِ ڇوته اهو نه ٿو ڄاڻي ته هي دروازو ان جي لاءِ ڪڏهن بند ڪيو ويندو.(1)

هي حديث پاڪ بيان ڪرڻ کان بعد حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اي انسانو...! ڊوڙو...! جيستائين زندگيءَ جو دروازو کليل آهي، پنهنجي ساهه کي غنيمت ڄاڻيو! عنقريب هي دروازو بند ڪيو ويندو. جيستائين توهان ۾ طاقت ۽ همت آهي، نيڪ اعمال کي غنيمت ڄاڻيو! جيستائين توبه جو دروازو کليل آهي، ان کي غنيمت ڄاڻيو! دعا جو دروازو کليل آهي، دعا گهرڻ کي غنيمت ڄاڻيو! نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ جو دروازو کليل آهي، ان کي غنيمت ڄاڻيو!

اي انسانو! توهان جيڪو نقصان ڪري ورتو، ان کي پورو ڪيو! جيڪا (گناهن جي نجاست) دامن تي لڳائي وينا آهيو، ان کي ڌوئي ڇڏيو! جيڪي برايون ڪيون اٿوَ، انهن کي درست ڪيو...! دل تي جيڪا گناهن جي ميراڻ چاڙهي وينا آهيو، ان کي صاف ڪيو! جيڪو توهان (ناحق) ورتو آهي، اهو

---

1 ...زُہد لابن مبارک،صفحہ:76، حدیث:117 ۔

واپس موٽايو! پنهنجي مالڪ ۽ مولا (يعني پياري ربّ ڪريم) جي نافرماني کان واپس موٽي اچو...! الله ڪريم جي دروازي تي حاضر ٿي وڃو...! هتي ڪير بہ نہ آهي، صرف الله خالق ۽ مالڪ آهي، جيڪڏهن توهان ان جي دروازي تي حاضر ٿيو تہ ان جا ٻانها آهيو، جيڪڏهن توهان مخلوق ڏي متوجهہ هجو (مثال طور مال ۽ دولت ڪمائڻ ۾ لڳل هجو ۽ ان وجهہ سان الله پاڪ جي در تي حاضري نہ ٿا ڏيو، الله پاڪ کي وساري ويٺا آهيو تہ توهان الله پاڪ جي بندگي نہ ڪري رهيا آهيو بلڪ) مخلوق جا ٻانها ٻڌيل آهيو.

اي انسانو! سُستي نہ ڪيو...! سُستي هميشہ جي محرومي ۽ شرمندگيءَ جو سبب آهي.

پنهنجا اعمال چڱا ڪيو...! الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ توهان تي انعام فرمائيندو.

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجو بيان جاري رکندي وڌيڪ فرمايو: قيامت جي ڏينهن انسان پنهنجي دنيا ۾ ڪيل چڱن ٻُرن عملن کي ياد ڪندو پر ان وقت شرمندگي ڪو فائدو نہ ڏيندي، فائدو تہ ان ۾ آهي تہ موت کان پهريان قيامت کي ياد ڪيو...! جڏهن ماڻهو ميوو ڪٽي رهيا هجن، ان وقت ٻج پوکڻ جي وقت کي ياد ڪرڻ ڪو فائدو ناهي ڏيندو. دنيا آخرت جي ٻني آهي، جيڪو هتي ڀلائيءَ جو ٻج پوکيندو، قيامت جي ڏينهن خوشي خوشي ميوو حاصل ڪندو ۽ دنيا ۾ بُرائي جو ٻج پوکيندو، قيامت جي ڏينهن شرمندو ٿيندو.[1]

غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: (انسانو) جڏهن توهان کي موت ايندو، توهان خوابِ غفلت کان بيدار ٿي ويندؤ پر ان وقت بيدار ٿيڻ جو ڪو فائدو ناهي. اي انسان! ٻُرن ماڻهن جي صحبت توکي نيڪ ماڻهن کان بدگمان ڪري ڇڏيو آهي. الله پاڪ جي ڪتاب ۽ سنّتِ مصطفٰي جي روشنيءَ ۾ زندگي گذار!

---

[1] ...مسند شهاب، جلد:1، صفحہ:232، حديث:364۔

ڪاميابي تنهنجا جا قدم چمندي. الله پاڪ کان اهڙي حيا ڪر، جهڙي ان کان حيا ڪرڻ جو حق آهي. غفلت ۾ پنهنجو وقت ضايع نہ ڪر...! تون اهو مال جمع ڪرڻ ۾ مصروف آهين، جيڪو توکي استعمال ناهي ڪرڻو، اهي خواب سجائيندو آهين، جنهن تائين پهچي نہ سگهندين، اهي عمارتون ٺاهيندو آهين جن ۾ توکي (هميشہ) ناهي رهڻو ۽ هنن ڳالهين توکي الله پاڪ جي حضور حاضر ٿيڻ کان غافل ڪري ڇڏيو آهي.

غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي بيان جو سلسلو ويتر اڳتي وڌائيندي فرمايو: هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تمام ڀلائي الله پاڪ وٽ آهي ۽ تمام برائي غَيرُ الله (يعني الله پاڪ جي دشمنن) وٽ آهي. ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ الله پاڪ جي حضور حاضر ٿي وڃو...! الله پاڪ جي عزت واري دروازي کان پَري ٿيڻ ۾ صرف بُرائي آهي.

اي انسانو! توهان تي لازم آهي تہ (1): موت کي ياد ڪيو! (2): مصيبت تي صبر ڪيو! (3): ۽ هر حال ۾ الله پاڪ تي ڀروسو ڪيو...! جڏهن هي ٽئي وصفَ توهان جي اندر پوري طرح پيدا ٿي ويندا تہ توهان کي موت هن حال ۾ ايندو جو موت کي ياد ڪرڻ جي سبب توهان زاهد بڻجي چڪا هوندا، صبر جي ذريعي توهان الله پاڪ جي بارگاه مان مَن پسند انعامَ ماڻيندا ۽ تَوَڪُّل جي ذريعي الله پاڪ سان توهان جو تعلق مضبوط ٿي ويندو.(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا پير، پيرن جا پير، پير دستگير حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري پياري انداز ۾ توبھ جي ترغيب ڏياري آهي، هاڻ هي ساھ هلي رهيا آهن، هاءِ! خبر ناهي ڪڏهن هي ساھَ

[1] ...الفتح الربانی، المجلس الرابع، صفحہ:31-32-33 خلاصۃً ۔

ٿُنن ۾ اسان زندگيءَ جي بازي هاري ڪري موت جي رستي قبر جي گهرائيءَ ۾ لهي وڃون، ان ڪري هاڻي موقعو آهي، زندگي مليل آهي، ساهه هلي رهيو آهي، اچو! حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان تي عمل ڪندي توبهه ڪري وٺون ته، اڄ تائين جيترا به گناهه ٿيا، انهن سڀني کان سچي پڪي توبهه به ڪيون، توبهه جا تقاضا به پورا ڪيون يعني قضا نمازون ذمي هجن ته ادا ڪيون، روزا قضا هجن ته رکون، ڪنهن جو ڪو حق ڏيڻو هجي ته ادا ڪيون، ڪنهن جي دل آزاري ٿي وئي هجي ته معاف ڪَرايون ۽ توبهه ڪري چڱي، نيڪين واري زندگي گذارڻ شروع ڪيون.

## توبهه جي فضيلت تي 2 حديثون

(1): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ يعني گناهن کان توبهه ڪرڻ وارو اهڙو آهي جڻ ان ڪڏهن ڪو گناهه ڪيو ئي نه هجي.(1) (2): هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن ٻانهو پنهنجي گناهن کان توبهه ڪندو آهي ته الله پاڪ گناهه لکڻ وارن فرشتن کي ان جا گناهه وسارائي ڇڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح ان جي عضون (يعني هٿن پيرن) کي به وساري ڇڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح زمين تي نشانن کي به مٽائي ڇڏيندو آهي. ايستائين جو قيامت جي ڏينهن جڏهن اهو الله پاڪ سان ملندو ته الله پاڪ جي طرف کان ان جي گناهن تي ڪو گواهه نه هوندو.(2)

## نيڪ ماڻهن جهڙا بڻجي وڃو...!!

3 شوالُ المڪرم، ڇنڇر جو ڏينهن هو، حضو غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صبح جي وقت بيان فرمايو، ان بيان مبارڪ ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ نهايت پياري

---

[1] ...ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب ذکر التوبۃ، صفحہ:689، حديث:4250۔

[2] ...الترغیب والترہیب، کتاب التوبۃ والزہد، صفحہ:987، حديث:17۔

ڳالھ ارشاد فرمائي، سون جي پاٽيءَ سان لکڻ جي جهڙو جملو آهي، يقين ڪيو! جيڪڏهن اسان غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي هڪ جملو پنهنجي زندگيءَ ۾ شامل ڪيون، ان تي پوريءَ طرح عمل ڪيون تہ اسان جي دنيا بہ موچاري ٿي ويندي، ۽ آخرت پڻ موچاري ٿي ويندي.

**جملو ڪهڙو آهي؟** غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اي انسانو! الله پاڪ جي لاءِ اهڙا ٿي وڃو! جيئن بزرگانِ دين هئا، الله پاڪ توهان تي اهڙيون ڪرم نوازيون فرمائيندو، جهڙيون توهان جي بزرگن تي فرمائيندو هو.(1)

سبحان الله! ڇا تہ زبردست مدني گل آهي...!! اڄ ماڻهن کي پريشاني ٿيندي آهي، دل ۾ وسوسا ايندا آهن، اسان دعائون گهرندا آهيون، پوريون ناهن ٿينديون، محنت ڪندا آهيون، ضايع ويندي آهي، سون کي هٿ لڳايون تہ مٽي ٿي ويندي آهي، آخر معاملو ڇا آهي؟ ابرهہ نالي بادشاھ ڪعبي شريف تي حملو ڪري تہ الله پاڪ ننڍن ننڍن پکين جي ذريعي ان جي هاٿين تي سوار فوج کي شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي، ميدانِ بدر ۾ مدد جي لاءِ فرشتا نازل ٿيندا آهن، اڄ مسلمان پِيسجي رهيا آهن، مسلمانن تي ظلم ۽ سِتم ڪيا پيا وڃن، آخر اڄ مدد ڇو نہ ٿي ڪئي وڃي؟ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام سادو جواب ڏنو، فرمايائون: اهي جن جي غيب مان مدد ڪئي ويندي هئي، جن تي الله پاڪ جون رحمتون ڇماڇم وسنديون هيون، جيڪي مٽيءَ کي هٿ لڳائيندا هئا تہ سون بڻجي ويندي هئي، توهان بہ پنهنجا اخلاق. پنهنجا ڪردار، پنهنجا اعمال انهن جهڙا ڪيو! اهي پنج ئي نمازون جماعت سان پڙهندا هئا، توهان بہ پڙهندا ڪيو! اهي تهجد، اشراق، چاشت ۽ اوّابين جا نفلَ پابنديءَ سان ادا ڪندا هئا، توهان بہ ادا ڪندا ڪيو! الله پاڪ جا نيڪ ٻانها قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا، توهان بہ ڪندا ڪيو! اهي الله جي رضا جا طلبگار هئا، توهان بہ رهندا ڪيو! اهي دنيا

---

[1] ...الفتح الربانی، المجلس الاول، صفحہ:15 ۔

جا نہ، آخرت جا طلبگار هئا، توهان بہ آخرت جو فڪر ڪرڻ وارا بڻجو! اهي مال جا نہ، بلڪ نيڪين جا حريص هئا، توهان بہ نيڪين جا حريص بڻجي وڃو! اهي خوفِ خدا ۾ روئڻ وارا هئا، توهان بہ روئيندا ڪيو! اهي ربِّ ڪريم ڪي ياد ڪرڻ وارا هئا، توهان بہ ذڪرُ الله ڪندا ڪيو! انهن جا اخلاق اعلٰي هئا، انهن جا ڪردار پاڪيزه هئا، اهي پنهنجي پرائي جو غم ڪندا هئا، اهي پاڻ ۾ ملي جلي ڪري رهندا هئا، اهي ٻين جي لاءِ قربانيون ڏيندا هئا، اهي سراپا ايثار هئا، نرم گفتار هئا، توهان بہ ايئن بڻجي وڃو! پوءِ ڏسجو، جيئن توهان جي بزرگن تي ربّ جون رحمتون ڇماڇم وسنديون هيون، توهان تي بہ ربِّ رحمٰن ۽ رحيم جون رحمتون اهڙيءَ طرح وسڻ شروع ٿي وينديون.

## هڪ صاحبِ علم جو فڪر انگيز جواب

هڪ صاحبِ علم کان ڪنهن سوال ڪيو: سڄي دنيا ۾ مسلمان پيسجي رهيا آهن، غريب غربت ۾ ٻڏندا پيا وڃن، مسلمانن تي ظُلم ۽ سِتم جا پهاڙ ڪيرايا پيا وڃن، آخر الله پاڪ ڪٿي آهي؟ الله پاڪ انهن جي مدد ڇو نہ ٿو ڪري (مَعاذَ الله! هي تمام سخت بي ادبي وارا جملا آهن پر اسان وٽ ماڻهو اهڙا جملا ڳالهائيندا آهن، اهڙا سوال ڪندا آهن) تہ ان صاحبِ علم تمام پيارو جواب ڏنو، چيائين: مان هڪ شخص کي سڃاڻان ٿو، ان جي عمر 60 يا 70 سال جي ويجهو آهي، نہ ان جو اولاد آهي، نہ ان جو ڪو والي وارث آهي، ڪم ڪار ڪجهہ بہ ناهي ڪندو، ان وٽ 2 وقت جي مانيءَ جا پيسا بہ ناهن هوندا، ماڻهو ترس کائي ڪري ان کي کاڌو يا پيسا وغيره ڏيندا آهن، اهڙي ڪمزور حالت آهي پر افسوس! اهو بلڪل پوڙهو بہ آهي، غريب بہ آهي، کائڻ جا پيسا ناهن هوندا، ان جي باوجود اهو پابنديءَ سان شَيو (يعني ڏاڙهي ڪوڙائيندو) آهي، ان عمر ۾ بہ مسجد ناهي ويندو، نماز ناهي پڙهندو، الله پاڪ کي ياد ناهي ڪندو.

هاڻي ٻڌايو! هتي هي سوال نہ ٿو بڻجي تہ الله پاڪ ڪٿي آهي؟ مدد ڇو نہ ٿو

فرمائي؟ سوال هي بڻجي ٿو تہ اسان جي دل ۾ ربِّ ڪريم جي ياد ڪٿي آهي؟ الله پاڪ تہ اسان جي شهہ رڳ ڪان بہ وڌيڪ ويجهو آهي، پري تہ اسان ان ڪان ٿي ويا آهيون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِۙ(۶) (سيپارو: 30 سورة انفطار: آيت: 6) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي انسان توکي ڪهڙي شيءِ پنهنجي ڪرم واري ربّ جي باري ۾ ڌوکي ۾ وڌو. |

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ ڪريمہ کي باربار پڙهو! اُن تي غور ڪيو! اسان جو رب وڏو ڪريم آهي، تمام گهڻو ڪرم فرمائڻ وارو آهي، وڏو نوازڻ وارو آهي، تمام مهربان، رحم فرمائڻ وارو آهي، آخر ڪهڙيءَ شيءِ اسان کي ڌوکي ۾ وجهي ڇڏيو؟ اسان ڪهڙيءَ وجهہ سان پنهنجي ربِّ رحمٰن کان پري ٿيندا پيا وڃون؟ اسان ڇو ان جي دروازي تي نہ ٿا اچون؟ موذن پڪاري پڪاري ڪري چوندو آهي: حَيَّ عَلَى الْفَلَاح ،حَيَّ عَلَى الْفَلَاح اچو! ڪاميابي جي طرف، اچو! ڪاميابي جي طرف.

| | |
|---|---|
| يہی مسجد، يہی کعبہ، يہی گلزارِ جنّت ہے | چلے آؤ! مسلمانو! يہی تختِ مُحَمَّد ہے |

آخر اسان ڪهڙيءَ شيءِ جي ڳولها ۾ آهيون؟ اهو ڪهڙو خزانو آهي جيڪو اسان دنيا ۾ ڳولي رهيا آهيون ۽ اهو الله پاڪ وٽان ناهي ملندو...؟ هتي ڪنهن شيءِ جي گهٽتائي ناهي، ربِّ ڪريم جي حضور مٿو سجدي ۾ رکي ڪري تہ ڏسو...!! هتي سڀ ڪجهہ ملندو آهي، دنيا بہ چڱي ٿي ويندي آهي ۽ آخرت بہ موچاري ٿي ويندي آهي.

## چور آيو، مقبوليت ماڻي ويو

الروضُ الفائق ۾ آهي: رات جي وقت هڪ چور حضرت رابعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي

گھر ۾ داخل ٿيو ، ان پوري گھر جي تلاشي ورتي، سواءِ هڪ ٽانوَ جي ڪا شيءِ نہ ملي، واپسي جو ارادو ڪيائين، حضرت رابعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها فرمايو: جيڪڏھن هوشيار چور آهين تہ ڪجھ نہ ڪجھ کڻي ويندي. چيائين: مون کي تہ هتي ڪجھ مليو ئي نہ. فرمايائون: اي غريب شخص! ٽانوَ مان وضو ڪر ۽ ڪمري ۾ وڃي ڪري 2 رڪعتون نماز پڙھ، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ڪجھ نہ ڪجھ کڻي ڪري ئي ويندي. ان ايئن ئي ڪيو، هوڏانهن حضرت رابعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها جن دعا ڪئي: اي مالڪِ ڪريم! هي منهنجي گھر آيو ان کي ڪجھ نہ مليو، مون تنهنجي بارگاھ ۾ بيهاري ڇڏيو آهي، ان کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان محروم نہ ڪجانءِ. هيڏانهن چور کي نماز ۾ لذّت آئي، لهٰذا سڄي رات نمازون ئي پڙهندو رهيو، سحري جي وقت حضرت رابعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها ڪمري ۾ آيون، چور ان وقت سجدي جي حالت ۾ پنهنجي رب کي چئي رهيو هو: منهنجو رب مون کان پڇندو تہ توکي نافرماني ڪندي حيا نہ آئي؟ دنيا وارن کان لِڪي ڪري گناھ ڪندو رهين، هاڻي منهنجي بارگاھ ۾ گناهن جي پري کڻي آيو آهين! هاءِ! اللّٰه پاڪ مون تي غضب فرمائيندو، مون کي رحمت کان پري ڪري ڇڏيندو تہ ان وقت مان ڪهڙو جواب ڏيندُس...؟ حضرت رابعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها پڇيو: ياءَ رات ڪيئن گذري؟ چيائين: خير سان، مان عاجزيءَ سان پنهنجي مالڪ ۽ مولا جي بارگاھ ۾ بيٺو رهيس، رب ڪريم مون کي درست فرمائي ڇڏيو، منهنجو عذر قبول ڪيو ۽ مون کي منهنجي مقصد تائين پهچائي ڇڏيائين. پوءِ اهو ڇهري تي حيراني ۽ پريشاني جا آثار کڻي هليو ويو. حضرت رابعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها هٿ کنيا، اللّٰه پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا مالڪ! هي هڪ رات تنهنجي بارگاھ ۾ حاضر ٿيو، تو ان کي قبول فرمائي ورتو، مان ڪيتري عرصي کان تنهنجي بارگاھ ۾ بيٺي آهيان، ڇا مون کي بہ قبول ڪيو ويو؟ آواز آيو: رابعہ! اسان تنهنجي

ڪري ئي ان کي قبول ڪيو ۽ تنهنجي ڪري ئي پنهنجي قرب سان نوازيو.[1]

| | |
|---|---|
| ہر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز |
| قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز |
| پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز |
| بھائیو! گر خدا کی رِضا چاہئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪاش! اڄوڪي هن اجتماع پاڪ مان هي سنهرا اکر (***Golden Words***) حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هي ايمان افروز نصيحت اسان تحفو سمجهي ڪري ڪٽي وڃون ۽ سڄي زندگي پنهنجي دامن ۾ سمائي ڇڏيون جو اي انسانو! توهان الله پاڪ جي لاءِ ائين ٿي وڃو! جيئن توهان جا بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هوندا هئا، الله پاڪ توهان تي اهڙيون ئي ڪرم نوازيون فرمائيندو، جهڙيون انهن تي فرمائيندو هو.

الله پاڪ اسان کي حضور غوثِ پاڪ جي ان مبارڪ تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گُناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! |
| میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی! |
| دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی![2] |

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ

[1] … الروض الفائق، المجلس التاسع والعشرون: في بعض مناقب الصالحين ،صفحہ:159۔

[2] …وسائل بخشش، صفحہ:102 ملتقطاً۔

اسلامي فيضانِ غوثِ پاڪ آهي، فيضانِ خواجه ۽ رضا بلڪ فيضانِ اولياء آهي، اولياءِ ڪرام جي مبارڪ تعليمات سکڻ، سندن سيرت مان روشني ڪٽي ڪري پنهنجي زندگي چمڪائڻ، سينو مدينو بڻائڻ يعني پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ سنّتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ اوهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو به آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## سفرِ مدينہ جي سعادت ملي وئي!

شيخوپوره (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: الحمد لله! مون کي عمرو شريف ڪرڻ جو شرف مليو، اتي قُصور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ قاري صاحب سان ملاقات ٿي، انهن ٻڌايو مون دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اتي خوب روئي روئي ڪري مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ دعا گهري.

دعا جي قبوليت جا آثار هيئن ظاهر ٿيا جو جڏهن مدني قافلي مان واپس آيس ۽ معمول مطابق ٻارن کي قرآنِ پاڪ پڙهائڻ جي لاءِ ڪنهن جي گهر پهتس. ته گهر وارا ڪافي مهرباني سان پيش آيا ۽ چيائون: قاري صاحب! ماشآء الله! اوهان اسان جي ٻارن کي قرآن جي تعليم ڏيندا آهيو، جيڪڏهن اوهان جي ڪا خواهش هجي ته ٻڌايو، شروع ۾ مون ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن جي اصرار تي مون چيو ديدارِ مدينه جي آرزو آهي. انهن مون کي فوراً اخراجات پيش ڪري ڇڏيا ۽ ايئن الحمد لله! مدني قافلي ۾ دعا گهرڻ جي برڪت سان مون گنهگار

۽ غريب ماڻهو کي مديني پاڪ جي حاضري جو شرف نصيب ٿي ويو.

## ماهوار فيضان مدينہ ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان ماهوار فيضان مدينہ ايپليڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپليڪيشن ۾ هي بهترين آپشنز (*Options*) موجود آهن ❁ پويان تمام ماهوار فيضانِ مدينہ جو *PDF* ❁ تمام ماهوارن جا مضمونَ (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن، جن کي ڪاپي ڪري شيئر بہ ڪري سگھجي ٿو ❁ سرچ آپشن (*Search option*) جنهن ۾ تمام ماهوار سرچ ڪري ڪا بہ شيءِ ڳولي سگھجي ٿي ❁ تمام مضامين موضوعات جي اعتبار سان ترتيب ڏنا ويا آهن، پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي ايپليڪيشن ڊائون لوڊ (*Download*) ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽيلي ٿون (عطيات مهم) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبہ جات ۾ ديني خدمات انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (*Boys & Girls*) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 6121 (6 هزار 121) مدرسةُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 112، 70، 2 (2 لک 70 هزار 112) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني

وجي ٿي ۞ نابينا ٻارن جي لاءِ بہ الڳ سان مدرسة المدينہ قائم آهن. آغاز کان هينئر تائين تقريباً 4،39،940 (4 لک 39 هزار 940) ناظره ۽ حفظ قرآن مڪمل ڪيو ۞ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1903 (1 هزار 309) جامعة المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1،17،402 (1 لک 17 هزار 402) طالب ۽ طالبات ڪي درس نظامي (عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 16،117 (16 هزار 117) عالم و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امّت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جارِي آهي ۞ درجن کان وڌيڪ دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ۞ المدينة العلميہ (***Canter Islamic Research***) ۾ مختلف موضوعن تي سوين ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي (ڇوڪرن، ڇوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس ، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (***Countries***) ۾ ماڻهن ڪي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پجائي پئي وڃي ۞ "مدني چينل" جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي. ۞ شعبي ***FGRF*** جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي.

13 نومبر 2022ء آچر جي ڏينهن ٽيلي ٿون(يعني عطيات مهم جو سلسلو) ٿي رهيو آهي. اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! خدمت دين جي تمام شعبن جي تمام اخراجات جي لاءِ دعوت اسلامي ٽرسٽ کان تعاون ڪيو. خوب دل کولي صدقو ۽ خيرات ڪيو! هڪ يونٽ: 10 هزار جو

آهي. جيڪو هڪ يونٽ ڏئي سگهي ٿو، اهو هڪ يونٽ ڏي، جيڪو 12 يونٽ ڏيڻ جي استطاعت رکي ٿو ته اهو 12 يونٽ ڏي، جنهن جي جيتري همت، جنهن کي جيتري توفيق نصيب ٿي. بهرحال تيلي ٿون ۾ حصو ضرور به ضرور شامل ڪيو! راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ پرهيزگارن جي بنيادي وصفن مان آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اَنْفِقُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَ لَا تُلْقُوْا بِاَیْدِیْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ (پاره:2، سورة بقره:195) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪيو ۽ پنهنجي هٿن کي هلاڪت ۾ نه وجهو. |

يعني راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ بند ڪري يا گهٽ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو!( تفسير صراط الجنان، پاره:2، سورة بقره، زيرِ آيت:195، جلد:1، صفحه:309) خبر پئي، خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ۾ اسان ئي جو فائدو آهي. اسان جيڪر دين جي مالي خدمت ترڪ ڪري ڇڏينداسين ته مسجدون ڪيئن نهنديون؟ لڪين حافظ ڪيئن تيار ٿيندا؟ هزارين عالم، 80 کان وڌيڪ ديني شعبا ڪيئن ڪم ڪري سگهندا؟ الحمدلله! دعوت اسلامي دين جي خدمت ڪري رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي نسلن کي بچائي رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي ايمان جي حفاظت ڪري رهي آهي. گهر گهر ۾ نيڪي جي دعوت پهچائي ڪري گهر امن جو گهوارو بڻائي رهي آهي. اسان دعوت اسلامي جو ساٿ ڏينداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ! هن جو فائدو اسان کي، اسان جي نسل کي ئي ٿيندو. لهٰذا همت ڪيو! دل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو! دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! الله پاڪ چاهيو ته دين ۽ دنيا جون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان

ڪي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سرمو پائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جو نه هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون پيدا ڪندو آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪاجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي

---

1 ...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2 ...ابن ماجہ، ڪتاب:الطب، باب:الڪحل بالاثمد، صفحہ:566، حديث:3497۔

پائڻ مکروھ آھي ۽ زينت مقصود نہ ھجي تہ ڪراھت ناھي، سرمو رات جو سمھڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آھي ۞ سرمو استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آھي: (1): ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون (2): ڪڏھن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ 2 (3) تہ ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ پوءِ آخر ۾ ھڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ٽئي واري واري سان اکين ۾ لڳايو اھڙيءَ طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٽنھي طريقن تي عمل ٿيندو رھندو.

اي عاشقانِ رسول! ادب ۽ تعظيم جا جيترا بہ ڪم آھن سڀ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ساڄي پاسي کان شروع ڪندا آھن، تنھنڪري پھريان ساڄي اک ۾ سرمو لڳايو پوءِ کاٻي ۾.[1]

عجب نہيں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بھارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙھو، سنّتن سکڻ جو ھڪ بھترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر بہ آھي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
عِلم حاصِل کرو، جہَل زائِل کرو | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...550سنتيں اور آداب، صفحہ:38۔

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴾4﴿ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴾5﴿ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455